# ٻه عظيم ترين شخصيتون

**09-February-2023**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

9 فيبروري، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ٻہ عظيم ترين شخصيتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ......

- ✿... حضرت اَميرِ معاويہ جو ذِڪرِ خير
- ✿... جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جن سلام ڪيو
- ✿... اُمّت جو بهترين شخص
- ✿... اَمِيۡرُ الۡمؤمنين جي تبرڪات سان محبت

پيشڪش
مجلس اَلۡمَدِيۡنَةُ الۡعِلۡمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللهِ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

مُعجمِ ڪبير جي روايت ۾ آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان جتي بہ هجو مون تي دُرود پڙهو جو توهان جو دُرود مون تائين پهچندو آهي.[1] هڪ حديث شريف آهي: بيشڪ توهان جا نالا سڃاڻپ سان گڏ مون تي پيش ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري مون تي اَحسَن (يعني بهترين لفظن ۾) دُرود پڙهو.[2]

هر درد کی دوا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد (ﷺ) | تعویذِ ہر بلا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد (ﷺ)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.(3)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو!

[1] معجمِ ڪبير، جلد:2، صفحہ:212، حديث:2663۔
[2] مصنف عبدالرزاق، جلد:2، صفحہ:140، حديث:3116۔
[3] ... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻه عظيم ترين شخصيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! تاريخ اسلام ۾ ٻه عظيم شخصيتون ٿي گذريون آهن، انهن ٻنهي ئي کي الله پاڪ پاڪيزه سيرت ۽ ڪردار، تقوٰي ۽ پرهيزگار، اخلاص ۽ لِلّٰهِيَّت، خوفِ خُدا ۽ عشق مصطفٰي جهڙين عظيم نعمتن سان گڏوگڏ دنيا ۾ تاج ۽ تخت ۽ حڪومت سان به نوازيو ۽ الحمدلله! انهن ٻنهي ئي عدل ۽ انصاف جو دامن مضبوطي سان پڪڙي نهايت سهڻي انداز ۾ تخت ۽ حڪومت جون ذميداريون سَرانجام ڏنيون. انهن ٻنهي عظيم شخصيتن ۾ (1): هڪ ته صحابيءِ رسول آهن سندن نالو: حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ آهي(2): ٻيو: عظيم تابعي بزرگ حضرت عُمر بن عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهي.

## حضرت مُعاويه ۽ عُمر بن عبدُ العزيز جن جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي

جيڪڏهن اسان انهن ٻنهي عظيم ترين شخصيتن جي سيرت کي غور سان پڙهون ته خبر پوندي ته انهن ٻنهي جي سيرت ۾ ڪيئي شيون پاڻ ۾ مطابقت رکن ٿيون. جيئن ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ اَوَّل مُلوڪِ اسلام (يعني اسلامي تاريخ جا پهريان بادشاه) آهن سندن هي وصف پاڪ آسماني ڪتاب تورات شريف ۾ بيان ٿيو. اهڙيءَ طرح حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اَوَّل مُجدِّد آهن. حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي ظاهري وصال کان بعد يَزيدي فتني جي شروعات ٿي، انهيءَ دوران ڪربلا جو واقعو به پيش آيو، يَزيد جيتوڻيڪ ڪجهه سالن کان بعد هلاڪ ٿي ويو هو، البت سندس فتني جا اثرات پوءِ به باقي رهيا،

هڪ عرصي تائين تاج ۽ تخت جي حِرص ۽ هَوس رهي، آخرڪار حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا ۽ پاڻ يَزيدي فتني جا باقي بچيل اثرات ٻه مِٽائي ٻيهر خلافتِ راشده جي ياد تازي ڪري ڇڏي ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه عِلم دوست شخصيت هئا، اسلام جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان سندن دور ۾ عِلمِ تاريخ جا باقاعده ڪتابَ لکيا ويا، اهڙيءَ طرح حضرت عمر بن عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه عِلم دوست هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دور ۾ احاديث مبارڪ کي ڪتابي شڪل ۾ جمع ڪرڻ جو باقاعده آغاز ٿيو ❁ ائين غور ڪندا وڃون: حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه خوفِ خُدا وارا هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه خوفِ خُدا وارا هئا ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه عدل پسند هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه عدل پسند هئا ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه ماڻهن جا خيرخواهه هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه ماڻهن جا خيرخواهه هئا ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه کي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اَحْلَمُ اُمَّتِي** (يعني امّت ۾ سڀني کان وڌيڪ حِلم وارو) جي لقب سان نوازيو جڏهن ته حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي حديثِ پاڪ ۾ اُمّت جو بهترين شخص فرمايو ويو ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه وڏا عاشقِ رسول هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه وڏا عاشقِ رسول هئا حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه صحابه ۽ اهلِ بيت سان بي پناهه محبت ڪرڻ وارا، انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ وارا هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه صحابه ۽ اهلِ بيت سان محبت ڪندڙ هئا ❁ حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه وٽ ٻه پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا تبرڪات هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه مصطفٰي جا تبرڪات سنڀالي رکيا هئا ❁ ۽ قربان وڃو! حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻه آخري وقت تبرڪاتِ مصطفٰي قبر ۾ رکڻ جي وصيت فرمائي، اهڙيءَ طرح حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻه پنهنجي قبر ۾ تَبرڪاتِ

مصطفٰي رکڻ جي وصيت فرمائي.

مطلب تہ: انهن ٻنهي وڏي مرتبي واري شخصيتن جي پاڪيزه سيرت جا ڪيئي پهلو آهن جيڪي پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا. هڪ پهلو هي بہ آهي تہ انهن ٻنهي شخصيتن جو عرس مبارڪ رَجبُ المُرجب ۾ ٿيندو آهي، حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو وصال مبارڪ 22 رجبُ المُرجب تي ٿيو، تنهنڪري 22 رجب جو يومِ حضرت اميرِ معاويہ ملهايو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ جو وصال مبارڪ 25 رجبُ المُرجب تي ٿيو، تنهنڪري 25 رجبُ المُرجب تي يومِ حضرت عمر بن عبدُ العزيز ملهايو ويندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي شعبي اسلامڪ ريسرچ سينٽر (اَلمدينةُ العلمِيہ) ڪي انهن ٻنهي عظيم شخصيتن جي سيرت تي ڪتابَ لکڻ جي سعادت ٿي آهي: (1): فيضانِ اميرِ معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ (2): حضرت سيّدنا عُمر بن عبدُ العزيز جون 425 حڪايتون، هي ٻئي ڪتابَ مڪتبةُ المدينہ تان طلب ڪيو! پاڻ بہ پڙهو! گهر وارن کي بہ پڙهايو! ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

اچو! يومِ اميرِ معاويہ ۽ يومِ عمر بن عبدُ العزيز جي مناسبت سان انهن ٻنهي عظيم شخصيتن جو ذِڪرِ خير ڪيون ٿا:

## حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو ذِڪرِ خير

❁ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ اَوَّل مُلوڪِ اسلام (يعني اسلامي تاريخ جا پهريان بادشاهہ) آهن ❁ مڪي شريف جي مشهور سردار حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جا پٽ آهن ❁ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو نالو مبارڪ: مُعاويہ ❁ ڪنيت: ابوعبدُ الرحمٰن ۽ ❁ ناصِرُ الدِّين(يعني دين جو مددگار)، ناصِرُ الحق (يعني حق جو مددگار) سندن لقبَ آهن ❁ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت فرمائڻ کان 5 سال پهريان مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا ❁ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ

جو قد مبارڪ ڏگهو هو ❁ رنگ اڇو ۽ خوبصورت ❁ شخصيت دٻدٻي واري هئي ❁ مٿي ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ مينڌي لڳائيندا هئا ❁ نهايت حلم وارا، بُردبار، باوقار، مالدار، ماڻهن ۾ سردار، ڪرم فرمائڻ وارا ۽ انصاف قائم ڪرڻ وارا ❁ حضرت حُسين بن محمد دِيار بَڪري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْه رعب ۽ دٻدٻي وارا، گهري سوچ وارا، بهادر، سخي ۽ بُردبار بادشاھ هئا ❁ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جن صُلحِ حُديبيہ جي ڏينهن يعني 6 هجري ۾ اسلام قبول ڪيو.[1]

## جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام سلام ڪيو

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا نهايت بااعتماد صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم جن کي حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قرآنِ ڪريم جي ڪتابت (يعني لکڻ) جي ذميداري سُپرد ڪئي هئي، انهن مان هڪ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْه بہ آهن. حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي: هڪ ڏينهن حضرت جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام بارگاھِ رسالَت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مُعاويہ کي سلام ڏجو ۽ ڀلائي جي مُتعلق وصيت قبول ڪيوس ڇوتہ هُو ڪتابُ الله (قرآنِ ڪريم) جو اَمين آهي ۽ ڇا تہ سُٺو اَمين آهي.[2]

کاتِبِ ہے جو کلامِ خُدا اور رسول کا، پکّا اُصول کا
ہر زاویہ ہے جس کا ذہانت کا زاویہ، وہ ہے مُعاویہ
راوی ہے جو حدیثِ رسالت مآب کا، کاتِب کتاب کا
نوکِ زباں ہیں جس کے فیوضِ سَماوِیہ، وہ ہے مُعاویہ

---

[1] فيضانِ اميرِ مُعَاوِيَہ، صفحہ:15-16-17-25ملتقطاً۔
[2] البدايہ والنهايہ،جز:8،جلد:4،صفحہ:514۔

## اللّٰه ۽ رسول مُعاويہ سان محبت ڪن ٿا

ابنِ عساڪِر ۾ آهي، هڪ ڏينهن پيارا آقا، محبوبِ خُدا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ اُمّ المؤمنين حضرت اُمِ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وٽ تشريف وٺي آيا، ان وقت حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ اُتي موجود هئا ۽ سندن پياري ڀيڻ يعني اُمّ المؤمنين حضرت اُمِ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سندن مٿي ۾ ڦڻي ڏئي رهيون هيون، ڀيڻ ڀاءُ جو هي پيار ڀريو انداز ڏسي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي اُمِ حبيبہ! ڇا تون معاويہ سان محبت ڪري ٿي؟ عرض ڪيائين: هي منهنجو ڀاءُ آهي، ڀلا هنن سان محبت ڇونہ هوندي؟ مالِڪِ جنّت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اللّٰه ۽ ان جو رسول بہ معاويہ سان محبت ڪن ٿا.[1]

| | |
|---|---|
| معاویہ کے پیار سے ہمارا بیڑا پار ہے | گناہ بخشوائے گی شفاعتِ معاویہ |
| جو عاشقِ رسول ہیں وہ ان سے پیار کرتے ہیں | فقط منافقوں کو ہے عداوتِ معاویہ |

## حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي امامِ حَسَن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان محبت

حضرت اِبنِ بُرَيده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري امام حسن مجتبٰي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ تشريف وٺي آيا، حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ امام حسن مُجتبٰي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي چيو: اڄ مان اوهان کي اهو نذرانو پيش ڪندُس جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن ٻئي کي نہ ڏنو هوندو، پوءِ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ 4 لکَ دِرهم پيش فرمايا.[2]

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ امام حسن مُجتبٰي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ 40 ڪروڙ رقم نذراني طور پيش ڪئي. جڏهن امام حَسن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

[1] تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:59، صفحہ:89۔
[2] سير اعلام النبلاء، معاويہ بن ابی سفيان، جلد:4، صفحہ:309۔

حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہ عَنْہ وٽ ايندا هئا تہ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہ عَنْہ انهن کي پنهنجي جڳھ تي ويهاريندا هئا، پاڻ سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهندا هئا، ڪنهن پڇيو: اوهان ائين ڇو ڪندا آهيو؟ فرمايائون: امامِ حسن مُجتبيٰ رَضِیَ اللہ عَنْہ مصطفيٰ جان رحمت (صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وٰاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جا هم شڪل آهن، مان ان مُشابَهت جو احترام ڪندو آهيان.[1]

## حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا 2 اعليٰ وصف

هڪ ڊگھي حديثِ پاڪ آهي، جنهن ۾ پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وٰاٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْہم جا خصوصي وصف بيان فرمايا آهن، ان حديثِ پاڪ ۾ حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہ عَنْہ جا 3 خصوصي وصف بيان ڪندي رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وٰاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: وَ مُعَاوِيَةُ بْنُ اَبِي سُفْيَان اَحْلَمُ اُمَّتِي وَ اَجْوَدُهَا ۽ معاويہ بن ابو سُفيان منهنجي اُمّت ۾ سڀني کان وڌيڪ حِلم وارا ۽ نهايت سخي آهن.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! حِلم حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہ عَنْہ جو خصوصي وصف آهي، يومِ اميرِ معاويہ اچڻ وارو آهي، يومِ اميرِ معاويہ جي نسبت سان اسان کي بہ گهرجي تہ اسان حِلم اپنايون.

## حِلم جون فضيلتون

حِلم جي معنيٰ آهي: بُردباري، صبر، نرم دلي، ڪاوڙ پي وڃڻ، برداشت ڪرڻ کي حِلم چوندا آهن. مبارڪ حديثن ۾ حِلم جون ڪوڙ فضيلتون بيان ٿيون آهن. (1): ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وٰاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ انسان حِلم جي ڪري عبادت گذار ۽ روزيدار جو درجو ماڻي وٺندو آهي.[3] (2) پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وٰاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: حِلم وارو انسان دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾

---

[1] مرآة المناجيح، جلد:8، صفحہ:461۔
[2] بغية الباحث، كتاب : المناقب، باب:فيما اشترک فيہ ، جلد:1، صفحہ:893، حديث:965.
[3] معجمِ اوسط،جلد:4 ،صفحہ:369،حديث:6273۔

ہِ سردار هوندو آهي.[1]

صحابيءِ رسول، حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي صدقي الله پاڪ اسان کي حِلم جي دولت نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اچو! حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو ذڪرِ خير ٻڌون ٿا:

## حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو ذڪرِ خير

منقول آهي هڪ ڀيري اَميرُالمؤمنين حضرت عمر بن عبدُالعزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ مڪي شريف ڏانهن وڃي رهيا هئا، واٽ تي هڪ ميدان ۾ پاڻ هڪ مُئل نانگ ڏٺائون. (شايد سندن نگاهِ ولايت نانگ جي حقيقت کي سڃاڻي ورتو هو) پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪڏو ڪوٺي نانگ کي هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪري دَفن ڪري ڇڏيائون. اوچتو غيب مان آواز ٻڌڻ ۾ آيو: اي سُرَّق! توتي الله پاڪ جي رحمت هجي، مان گواهي ڏيان ٿو تہ مون الله پاڪ جي رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: اِي سُرّق! تون هڪ رڻپٽ ۾ مَرندي ۽ توکي منهنجي اُمّت جو بهترين شخص دفن ڪندو. هي غيبي آواز ٻڌي ڪري حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ان آواز ڏيڻ واري کان پڇيو: الله پاڪ توتي رحم فرمائي، تون ڪير آهين؟ ان چيو: اسان جنّن مان آهيون هن جو نالو سُرّق آهي: اسان انهن جِنّن مان آهيون جن مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان بيعت ڪئي هئي، انهن مان اسان ٻنهي کان علاوه ڪو بہ زنده نہ رهيو، مون رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو هو: اي سُرَّق! تون رڻپٽ ۾ دم ٽوڙيندي ۽ توکي منهنجو بهترين اُمّتي دفن ڪندو.[2]

---

[1] ڪنز العمال،ڪتاب الاخلاق،قسم الاقوال، جز:3، جلد:2، صفحہ:55، حديث:5807۔

[2] دلائل النبوة للبيهقي،جلد:6، صفحہ:494 ۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان اَفروز واقعي مان 2 ڳالهيون معلوم ٿيون: (1): هڪ هي تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڄاڻيندا آهن، تڏهن تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان صحابيءِ رسول جِنَّ سُرَّق کي ان جي وفات جي مقام جي مُتعلق بہ ٻڌائي ڇڏيو ۽ هي بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ ان کي شان ۽ شوڪت وارو دفن ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندو.

سب مِثل ہتھیلی پیشِ نظر، ہر غیب عَیاں ہے سینے پر
یہ نورِ نظر، یہ چشمِ بَصَر، یہ علم و حکمت کیا کہنا...!![1]

(2): پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان ٻئي ڳالھ ھيءَ معلوم ٿي تہ اَميرُالمؤمنين حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُمّت جي بهترين ماڻهن مان هڪ آهن.

## خيرءِ ڀلائي وارو هڪ عَمل

عظيم عالِمِ دين، تمام وڏا محدث، عاشقِ رسول، ڪروڙين حنبلين جا امام، حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اِذَا رَاَيْتَ الرَّجُلَ يُحِبُّ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ الْعَزِيْزِ وَيَذْكُرُ مَحَاسِنَهٗ وَيَنْشُرُهَا فَاعْلَمْ اَنَّ مِنْ وَّرَاءِ ذٰلِكَ خَيْرًا اِنْ شَآءَ اللهُ يعني تون جڏهن ڏسين تہ ڪو شخص حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت رکي ٿو ۽ انهن جون خوبيون بيان ڪرڻ ۽ انهن کي عام ڪرڻ جو اهتمام ڪري ٿو تہ ڄاڻي وٺ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جو نتيجو خير ئي خير آهي.[2]

[1] قبالهٔ بخشش،صفحہ:86۔
[2] سيرة و مناقب عمر بن عبد العزيز لابنِ جوزی،صفحہ:74۔

## حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو تعارف

حضرت عمر بن عبدُالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عظيم تابعي بزرگ آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نالو پاڪ: عمر ۽ ڪنيت: ابوحفص آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والدهءِ محترم مسلمانن جي ٻئين خليفي عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي پوٽي آهن.[1] ان لحاظ سان حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي رڳن ۾ ٻہ فاروقي رت هو ۞ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا: منهنجي اولاد مان هڪ شخص ٿيندو، جنهن جي چهري تي زخم جو نشان هوندو، اهو زمين کي عدل ۽ انصاف سان ڀري ڇڏيندو جهڙيءَ طرح هاڻي ظلم سان ڀريل آهي.

فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي هن مبارڪ خواب جي صداقت جو ثبوتُ حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ئي هئا ۞ پاڻ 25 سالن جي عُمر مبارڪ ۾ مديني پاڪ جا گورنر بڻيا ۞ بعد ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خود ئي ڪنهن سبب هي عهدو ڇڏي ڏنو ۞ ان جي گهڻو عرصو بعد جڏهن خليفو سليمان بن عبدُ الملڪ جو انتقال ٿيو تہ پاڻ خَليفةُ المُسلمين ۽ اَميرُ المؤمنين مقرر ٿيا.

## منهنجي مرتبي ۾ ڪا گهٽتائي تہ نہ آئي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَميرُالمؤمنين حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وقت جا خليفا هئا، ان جي باوجود پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت عاجزي ۽ انڪساري ڪندا هئا. هڪ ڀيري رات جي وقت سندن وٽ ڪو مهمان آيو، پاڻ ڪجھ لکي رهيا هئا. ڏيئو وسامڻ وارو هو. مهمان عرض ڪيو: مان اٿي ڪري درست ڪري ڇڏيان تو. حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: لَيۡسَ مِنۡ كَرَمِ الرَّجُلِ أَنۡ يَسۡتَخۡدِمَ ضَيۡفَهُ مهمان کان خدمت وٺڻ عزّت دار ماڻهوءَ جو طريقو نہ آهي. مهمان چيو غلام کي جاڳايان؟ فرمايائون: اهو هاڻي ئي ستو آهي. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خود اٿيا ۽ ڏيئي ۾

[1] حضرت سيدنا عمر بن عبد العزيز کی 425 حکايات،صفحہ:30۔

تيل وِڏائون. مهمان چيو: اي اَميرُالمؤمنين! اوهان پاڻ ذاتي طور تي هي ڪم ڪيو؟ فرمايائون: ذَهَبْتُ وَاَنَا عُمَرُ ، وَرَجَعْتُ وَ اَنَا عُمَرُ جڏهن مان (هن ڪم جي لاءِ) ويس تڏهن بہ عُمر هيس ۽ جڏهن واپس آيس تڏهن بہ عُمر هيس، منهنجي مرتبي ۾ ڪا گهٽتائي نہ آئي ۽ بهترين ماڻهو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي لاءِ نِوڙت ڪرڻ وارو هجي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيتري قدر عاجزي فرمائي، الله پاڪ اسان کي بہ عاجزي ۽ انڪساري جي توفيق نصيب فرمائي. ڳالهہ واقعي سچي آهي ❁ جيڪو تڪبر ڪندو آهي، آهي تہ اهو بہ انسان، اهو بہ مٽيءَ مان ٺهيو آهي، ان جا بہ 2 هٿ، 2 اکيون، 2 ڪن آهن ۽ ❁ جيڪو عاجزي اختيار ڪندو آهي، اهو بہ انسان ٺهيو آهي، اهو بہ الله پاڪ جو ٻانهو ٺهيو آهي. هڪ جي عاجزي ڪرڻ ۽ ٻئي جي تڪبر ڪرڻ سان انهن جي هستيءَ ۾ ڪو فرق نہ پوندو، ها! فرق پوندو آهي انجام ۾، تڪبر جو انجام ذلّت ۽ هلاڪت آهي جڏهن تہ عاجزي ۽ انڪساري جو انجام بُلندي آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالي شان آهي: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري الله پاڪ ان کي بُلندي عطا فرمائيندو، بَس اهو پاڻ کي ڪمزور سمجهندو پر ماڻهن جي نظر ۾ عظيم هوندو ۽ جيڪو تڪبر ڪري الله پاڪ ان کي ذليل ڪري ڇڏيندو، بَس اهو ماڻهن جي نظر ۾ ننڍو هوندو پر پاڻ کي وڏو سمجهندو هوندو ايستائين جو اهو ماڻهن جي ويجهو خِنزير کان بہ بدتَر ٿي ويندو آهي.[2]

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا | یاربّ! مجھے بنادے پیکر تُو عاجِزی کا[3]

---

[1] احياءَ علومِ الدين،ڪتاب ذم الڪبر و العجب،بيان اخلاقِ المتواضعين...الخ،جلد:3،صفحہ:435 ـ
[2] ڪنز العمال،ڪتاب الاخلاق ،جز:3 ،جلد:2 ،صفحہ:50،حديث:5734ـ
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:178ـ

## جڏهن سلام ڪرڻ وسري ويا

هڪ ڀيري ڪجھ ماڻھو وينا هئا، حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا ۽ بنا سلام ڪرڻ جي ئي انهن وٽ ويهي رهيا، جڏهن ڪين ياد آيو تہ پنهنجي جاءِ تان اٿيا، سيني کي سلام ڪيائون، پوءِ تشريف فرما ٿيا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! سنّت تي عمل ڪرڻ جو ڇا تہ حسين جذبو آهي..... پر افسوس! اڄڪلھ اسان جي حالت ان جي اُبتڙ آهي، اسان وٽ ماڻھو پاڻ ۾ ملڻ وقت سنّت جي مطابق سلام ڪرڻ جي بدران ❁ آداب حضور ❁ ڇا حال آهي؟ ❁ مزاج شريف ❁ صبح بخير ❁ شام بخير وغيره عجيب ۽ غريب ڪلمن سان ابتدا ڪندا آهن، هي سنّت جي خلاف آهي. وڃڻ وقت بہ ❁ خدا حافظ ڳڊ بائي ❁ ٽاٽا وغيره چوڻ جي بدران سلام ڪرڻ گھرجي. ها وڃڻ وقت اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ کان بعد جيڪڏهن خُدا حافظ چئي ڇڏيو تہ حرج نہ آهي.

## هي اسلامي سلام نہ آهي

صحابيءِ رسول حضرت ابوراشد عبدُ الرحمٰن رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان ننڍو هيس، هڪ ڀيري پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ مون چيو: اَنْعِمْ صَبَاحاً (هي عربي آهي، ان جو انگلش ترجمو ٿيندو: (*Good Morning*) يعني صبح بخير. رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي تہ مسلمانن جو سلام نہ آهي، جڏهن تون ڪنهن وٽ وڃين تہ چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ الله.[2]

## سلام ڪرڻ جي عادت بڻائي وٺو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سلام ڪرڻ اسان جي پياري آقا، تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نهايت ئي پياري سنّت آهي.[3] اسان کي بہ عادت بڻائڻ گھرجي، ڀهريان سلام

[1] سيرة عمر بن عبد العزيزلابن عبدالحکم،صفحه:51۔
[2] الکنی و الاسما ء،جلد:1 ،صفحه:56،حديث:217 ملتقطًا۔
[3] بہارِ شريعت ،جلد:3،صفحه: 459،حصه:16۔

ڪيون، پوءِ ڪلام ڪيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ثواب بہ ملندو، پاڻ ۾ اتفاق ۽ ٻڌي ۽ پائيچارو ۽ محبت ۾ بہ اضافو ٿيندو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لَاتَدْخُلُوا الجَنَّةَ حَتّٰى تُؤْمِنُوْا توهان ان وقت تائين جنّت ۾ داخل نہ ٿا ٿي سگهو، جيستائين ايمان نہ آڻيو! وَلَاتُؤْمِنُوْا حَتّٰى تَحَابُّوْا ۽ توهان ان وقت تائين (ڪامل) مومن نہ ٿا ٿي سگهو جيستائين پاڻ ۾ محبت نہ ڪيو! پوءِ فرمايو: ڇا توهان کي اها ڳالهہ نہ ٻڌايان، جنهن تي عمل ڪري توهان جي پاڻ ۾ محبت وڌي وڃي؟ اَفْشُوا السَّلَامَ بَيْنَكُمْ پاڻ ۾ سلام کي عام ڪيو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنج وقت نماز جو اهتمام

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرُ المؤمنين حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ مبارڪ عادت هيءَ بہ هئي تہ پاڻ خلافت جي ڏينهن رات جي مصروفيتن جي باوجود پنج وقت نماز نهايت پابندي سان باجماعت ادا فرمائيندا هئا. اَذان جو آواز صاف ٻڌڻ جي لاءِ گهر ۾ اولهہ جي طرف هڪ ننڍڙي دَري نهرائي ڇڏي هئي، جيڪڏهن مؤذِن کان اَذان ڏيڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي تہ ماڻهو موڪلي چورائيندا هئا تہ اَذان جو وقت ٿي ويو آهي.[2] جڏهن مؤذِن اَذان ڏيندو هو تہ ڪوشش ڪندا هئا تہ اَذان جي آواز سان گڏ ئي مسجد ۾ داخل ٿي وڃن.[3]

بھائیو! گر خدا کی رِضا چاہیے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز
جو مسلمان پانچوں نمازیں پڑھیں
لے چلے گی انہیں سُوئے جنَّت نماز[4]

---

[1] ابوداؤد، كتابُ الادب، باب افْشَاءُ السلام، صفحہ:809، حديث:5193۔
[2] سيرة و مناقب عمر بن عبدَ العزيز لابنِ جوزی،صفحہ:211۔
[3] الطبقات الكبرىٰ لابن سعد،جلد:5 ،صفحہ:278۔
[4] وسائل فردَوس، صفحہ:22۔

# سنّت تي عمل جو جذبو

حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سنّتِ خيرُ الانام (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي عمل جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا. جڏهن پاڻ مديني جا گورنر بڻيا ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خادمِ خاص ۽ عظيم صحابي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه عِراق کان مديني پاڪ آيا ته حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پٺيان نماز پڙهيائون. ڪين حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نماز ڏاڍي پسند آئي، پاڻ نماز کان بعد فرمايائون: مَا رَاَيْتُ اَحَدًا اَشْبَهَ بِصَلَاةِ النَّبِيِّ مِنْ هَذَا الْغُلَامِ يعني مون هن نوجوان کان وڌيڪ رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهڙي نماز پڙهڻ وارو ڪو ناهي ڏٺو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به نماز اطمينان ۽ سڪون سان پڙهڻ گهرجي ته جيئن نماز قبوليت جي معراج تائين پهچي سگهي، حضرت عُباده بن صامت رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته نبيءِ رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري، پوءِ نماز جي لاءِ بيهي، ان جي رڪوع، سجود ۽ قرائت کي مڪمل ڪري ته نماز چوندي آهي: الله پاڪ تنهنجي حفاظت ڪري جيئن تو منهنجي حفاظت ڪئي. پوءِ نماز کي هن طرح آسمان جي طرف کنيو ويندو آهي جو ان جي لاءِ چمڪ ۽ نور هوندو آهي. بَس ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ايستائين جو ان کي الله پاڪ جي بارگاه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اها نماز ان نمازيءَ جي شفاعت ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو نماز جا رڪوع، سجود ۽ قرائت مڪمل نه ڪري ته نماز چوندي آهي: الله پاڪ توکي ضايع ڪري جهڙيءَ طرح تو مون کي ضايع ڪيو. پوءِ ان نماز کي هن طرح آسمان جي طرف کنيو ويندو آهي جو ان تي اونداهي

[1] سيرة و مناقب عمر بن عبد العزيز لابنِ جوزی،صفحہ:34۔

چانيل هوندي آهي ۽ ان تي آسمان جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن پوءِ ان کي پُراڻي ڪپڙي جيان ويڙهي ڪري ان نمازيءَ جي منهن تي هنيو ويندو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ہر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز |
| آؤ مسجد میں جُھک جاؤ رَبّ کے حُضُور | تم کو دِلوائے گی حق سے رِفعَت نماز[2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عالِمِ دين جو ادب ۽ احترام

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عُمر بن عبدُالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن مديني جا گورنر هئا، ان وقت به ۽ جڏهن خليفا بڻيا، تڏهن به عُلماءِ ڪرام جو تمام گهڻو اَدب ۽ احترام ڪندا هئا، حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اوائلي سالن جي مختصر عرصي ۾ دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪامياب ترين خلافت کي خلافتِ راشده چيو ويندو آهي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ان بي مثال ڪاميابي جو هڪ سبب عُلماءِ دين جو قدر ڪرڻ به آهي. هڪ ڀيري جو ذڪر آهي، حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مديني پاڪ جا گورنر هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ قاصد کي حضرت سعيد بن مُسيّب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ موڪليو ته انهن کان هڪ مسئلو پڇي اچي. قاصد غلطي مان ڪين چيو ته اوهان کي امير سڏي رهيا آهن، حضرت سعيد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪنهن حاڪم يا خليفي وٽ وڃڻ جا عادي نه هئا پر سڏُ حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جهڙي علمي شخصيت جي طرفان هو، ان ڪري ڪين انهن جي گهرائڻ تي ناراض نه ٿيا، جلدي مان جوتا پاتائون ۽ قاصد سان گڏ هلي پيا، جڏهن حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏٺو ته حضرت سعيد

[1] شُعَبُ الْايمان،جلد:3،صفحه:144، حديث:3140۔
[2] وسائلِ فِردَوس، صفحه:22۔

بن مُسيّب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بذاتِ پاڻ تشريف کڻي اچي رهيا آهن تہ وضاحت ڪيائون: حضور! اسان قاصد اوهان کي گهرائڻ لاءِ نہ بلڪہ ان ڪري موڪليو هو تہ اهو اوهان کان مسئلو پڇي اچي. هيءَ هن جي غلطي آهي جو هن اوهان کي هتي اچڻ جي زحمت ڏني، مهرباني ڪري! اوهان پنهنجي جڳهہ تي تشريف وٺي وڃو، اسان جو قاصد اتي اچي اوهان کان مسئلو پڇندو.[1]

## عالمن جو اَدب ڪيو!

سُبۡحٰنَ اللّٰـه! اللّٰه پاڪ اسان کي بہ عُلماءِ ڪرام جي ادب ۽ احترام جي توفيق نصيب فرمائي، يقين ڪيو! اڄ مسلمانن جا حالات پَستي جي طرف وڃي رهيا آهن، ان جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ ماڻهن جي دلين مان عُلماءِ ڪرام جو ادب تمام گهٽ ٿيندو پيو وڃي. حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

اِنِ اسۡتَطَعۡتَ فَكُنۡ عَالِمًا فَاِنۡ لَّمۡ تَسۡتَطِعۡ فَكُنۡ مُتَعَلِّمًا فَاِنۡ لَمۡ تَسۡتَطِعۡ فَاَحِبَّهُمۡ فَاِنۡ لَّمۡ تَسۡتَطِعۡ فَلَاتَبۡغُضۡهُمۡ

يعني جيڪڏهن توڪان ٿي سگهي تہ عالِم بڻج، هي نہ ٿي سگهي تہ طالبِ علم بڻج، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ عُلماءِ ڪرام سان محبت ئي رک ۽ هي بہ نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ انهن کان بغض تہ نہ رک. پوءِ فرمايائون: جنهن ان نصيحت کي قبول ڪري ورتو، اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ نجات جو ڪو رستو ڪڍي ئي ونندو.[2]

مجھ کو اے عطّار سُنّی عالموں سے پیار ہے
اِنۡ شَآءَ الله دو جہاں میں میرا بیڑا پار ہے[3]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] (الطبقات الكبرى لابن سعد،جلد:2 ،صفحہ:291)
[2] سيرة عمر بن عبد العزيزلابن عبدالحكم،صفحہ:118
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:699

# ڪڌهن ﭪ ڪوڙ نہ ڳالهايائون

اَميرُالمؤمنين حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان پهريان سليمان بن عبدُ الملڪ خليفو هو، هڪ ڀيري خليفي سليمان ۽ حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي وچ ۾ ڪنهن موضوع تي گفتگو ٿي رهي هئي، ان دوران خليفي سليمان ڪاوڙ ۾ اچي چيو: اوهان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو. ان تي حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: جڏهن کان مون هوش سنڀاليو آهي ۽ مون کي خبر پئي آهي تہ ڪوڙ انسان کي نقصان ڏيندو آهي، اچ تائين ڪڏهن ﭪ ڪوڙ ناهي ڳالهايو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان! حضرت عُمر بن عبدُالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ڪوڙ کان ڪيتري قدر نفرت هئي! ۽ ڪوڙ کان نفرت هجڻ ﭪ گهرجي پر صد افسوس! اڄڪلهہ ڪثرت سان ڪوڙ ڳالهائڻ کي ڪمال ۽ ترقي جي علامت جڏهن تہ سچ کي بيوقوفي ۽ ترقي ۾ رڪاوٽ تصور ڪيو ويندو آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهو پنهنجي مقصدن جي لاءِ ڪوڙا قسم ﭪ کڻي وٺندا آهن (اَسۡتَغۡفِرُ الله!).

ياد رهي! ڪوڙ ڳالهائڻ وارو دنيا ۾ جيتوڻيڪ ڪيترين ﭪ ڪاميابيون حاصل ڪري، آخرت ۾ ناڪاميون ۽ رسوايون سندس استقبال ڪنديون، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي زبان کي ڪوڙ ڳالهائڻ کان محفوظ رکون. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو:

(1): اَلَا اِنَّ الۡكِذۡبَ يُسَوِّدُ الۡوَجۡهَ وَالنَّمِيۡمَةَ مِنۡ عَذَابِ الۡقَبۡرِ

يعني ڪوڙ، انسان کي رُسوا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چغلي عذابِ قبر جو سبب

[1] سيرة عمر بن عبد العزيزلابن عبدالحكم،صفحہ:28۔

ٻڌجندي آهي.[1] (2): هڪ روايت ۾ آهي:

اِذَا كَذَبَ الْعَبْدُ تَبَاعَدَ عَنْهُ الْمَلَكُ مِيلًا مِنْ نَتْنِ مَا جَاءَ بِهِ

يعني جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ان مان نڪرڻ واري ڌَپَ جي سبب ملائڪ هڪ مِيل پَري ٿي ويندو آهي.[2]

(3): مُسلم شريف جي روايت ۾ آهي: سچ ڳالهائڻ نيڪي جي طرف ۽ نيڪي جنّت ۾ وٺي ويندي آهي ۽ بيشڪ ٻانهو سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ايستائين جو ان کي صِدِّيق لکيو ويندو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ گناهہ جي طرف ۽ گناهہ دوزخ ۾ وٺي ويندو آهي، بيشڪ ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي ايستائين جو ان کي ڪَذَّاب (يعني نهايت ئي ڪوڙو) لکيو ويندو آهي.[3]

میں جھوٹ نہ بُولوں، کبھی گالی نہ نِکالوں
اللہ! مَرَض سے تُو گناہوں کے شِفا دے

میں فالتو باتوں سے رہوں دُور ہمیشہ
چُپ رہنے کا اللہ! سلیقہ تُو سِکھا دے

اَخلاق ہوں اچّھے مِرا کِردار ہو سُتھرا
محبوب کا صَدقہ تُو مجھے نیک بنا دے[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## روزانو جو جدول

حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه جي زوجهٔ محترمہ حضرت فاطمہ بنت عبدُالملڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْها فرمائن ٿيون: ❁ حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه پنهنجي ذات کي مسلمانن جي لاءِ ۽ پنهنجي ذهن کي ڪمن جي لاءِ فارغ ڪري ڇڏيو هو

---

[1] الترغيب و الترهيب،كتاب الادب وغيره، الترهيب من النميمة، صفحه:895، حديث:6 ـ
[2] ترمذی،كتاب البر و الصلة،باب ما جاء فی الصدق و الكذب،صفحه:481، حديث:1972
[3] مسلم، كتاب البر والصلة و الآداب، باب قبح الكذب...الخ،صفحه:1007،حديث:2607 ـ
[4] وسائلِ بخشش، صفحه:115 .

۞ جيڪڏهن شام تي ويندي هئي ۽ هو مسلمانن جي ڪمن ڪان واندا نہ ٿيندا هئا تہ ڏينهن سان گڏ رات بہ ملائيندا هئا ۽ رات جو دير تائين ڪم ڪندا رهندا هئا ۞ جڏهن روزانو جا ڪم ختم ٿي ويندا هئا تہ پنهنجو ڏيئو گهرائيندا، پوءِ 2 رڪعت نفل پڙهندا ۽ مٿو گوڏن تي رکي ڪري اوڪڙو (پيرن پَر ويهڻ جو اهو انداز جنهن ۾ رانون پيٽ سان ۽ گوڏا سيني سان ۽ پِنيون رانن سان ميل رهنديون آهن) ويهي رهندا هئا ۞ ٿوري دير ۾ ڳلن تي ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا ۽ ايتري قدر درد سان روئيندا هئا جو جڻ سندن دل ڦاٽي پوندي ۽ روح نڪري ويندو، سڄي رات اها ئي ڪيفيت رهندي هئي، جڏهن صبح ٿيندو هو تہ روزو رکي وٺندا هئا.[1]

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی! نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!

رہوں مَست وبے خُود میں تیری وِلا میں پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی![2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوت هجي تہ اهڙي هجي!

حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي انتقال ڪان بعد سندن زوجهءِ محترمہ حضرت فاطمہ بنتِ عبدُ الملڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها تمام گهڻو روئينديون هيون ايستائين جو سندن نظر هلي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها ڪان جڏهن ايترو روئڻ جو سبب پڇيو ويو تہ فرمايائون: الله پاڪ جو قسم! مون ڪي اهو عجيب ۽ غريب ۽ درد ڀَريو منظر روئاريندو آهي، جيڪو مون هڪ رات ڏٺو. ان رات مان هي سمجهيس تہ ڪو نهايت خوفناڪ منظر ڏسي حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هيءَ حالت ٿي وئي آهي ۽ اڄ رات سندن انتقال ٿي ويندو. ان رات مون ڏٺو تہ حضرت عُمر

[1] سيرة عمر بن عبد العزيزلابن عبدالحكم،صفحہ:150۔

[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:105۔

بن عبدُ العزيز رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ نماز پڙهي رهيا هئا، جڏهن قرائت ڪندي هن آيت تي پهتا:

يَوۡمَ يَكُوۡنُ النَّاسُ كَالۡفَرَاشِ الۡمَبۡثُوۡثِ ۙ﴿۴﴾ وَ تَكُوۡنُ الۡجِبَالُ كَالۡعِهۡنِ الۡمَنۡفُوۡشِ ؕ﴿۵﴾

(سيپارو: 30، سورة قارعه: آيت: 4_5)

ترجموڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن انسان پکڙيل پروانن وانگر هوندا ۽ جبل رنگ برنگي اُنَ وانگر ٿي ويندا.

تہ هيءَ آيت پڙهندي ئي هڪ زوردار رڙ ڪري فرمايائون: هاءِ! ان ڏينهن منهنجو ڇا ٿيندو؟ هاءِ! اهو ڏينهن ڪيڏو ڏکيو ۽ مشڪل هوندو. پوءِ منهن ڀَر ڪري پيا ۽ واتان عجيب ۽ غريب آواز اچڻ لڳا پوءِ اوچتو خاموش ٿي ويا تہ مون کي گُمان ٿيو تہ ڪٿي دَم نہ نڪري ويو هجي! ڪجهہ دير بعد ڪين هوش آيو تہ فرمائڻ لڳا: هاءِ! ان ڏينهن ڪيڏو سخت معاملو هوندو ۽ زارو قطار روئيندي بيقراري سان اڱڻ ۾ چڪر ڏيڻ لڳا ۽ فرمايائون: **هاءِ! ان ڏينهن منهنجي هلاڪت ٿيندي جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيل پروانن جيان ۽ جبل رنگ برنگي اُنَ جيان ٿي ويندا.** سڄي رات سندن اها ئي ڪيفيت رهي. جڏهن صبح فجر جون اَذانون شروع ٿيون تہ بيهر ڪِري پيا، هن پيري تہ مان سمجهيس تہ روح نڪري ويو آهي پر ڪجهہ دير کان بعد ڪين هوش اچي ويو. ايترو چوڻ کان بعد حضرت فاطمہ بنتِ عبدُ الملڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہا فرمايو: الله پاڪ جو قسم! جڏهن بہ مون کي اها رات ياد ايندي آهي منهنجي اکين مان بي اختيار لڙڪ وهڻ لڳندا آهن.[1]

خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو
میرا نازُک بدَن جہنّم سے

خاکِ طیبہ کا واسطہ یاربّ!
از طُفیلِ رضا بچا یاربّ![2]

[1] سيرة و مناقب عمر بن عبد العزيز لابن جوزی،صفحہ:223۔
[2] وسائلِ بخشش،صفحہ:80۔

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري قدر خوفِ خُدا رکڻ وارا هئا. افسوس! هڪ اسان آهيون، نيڪيون نالي ماتر ٻہ ناهن ۽ حالت هي آهي جو جهنّم کان ڊورو ٻہ ڊپ نٿو لڳي، زندگي عيش ۽ آرام ۾ گذرندي پئي وڃي، غفلت طاري آهي، راند روند، فضوليات ۾ مصروف آهيون، نہ قبر جو فڪر، نہ حشر جو فڪر، نہ قيامت جي حساب جو ڪُتڪو، نہ پلصراط جو خيال...!! بَس غفلت ۾ ئي صبح ٿيندو آهي، غفلت ۾ ئي شام ٿي ويندي آهي. ڪاش! حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي ٻہ خوفِ خُدا نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

گناہوں سے مجھ کو بچایا الٰہی! بُری عادتیں بھی چُھڑایا الٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی!

## خوفِ خُدا جي فضائل تي 3 حديثون

(1): حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ عَنْهما روايت ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: 2 نهايت اهم شين کي نہ ويسارجو، صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم پڇيو: 2 شيون ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: جنّت ۽ دوزخ. ايترو فرمائي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ روئڻ لڳا ايستائين جو لڙڪن سان سندن ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن توهان اهو ڄاڻي وٺو جيڪو مان ڄاڻان ٿو تہ رڙيون ڪري ڀڄو ۽ پنهنجي مٿن تي خاڪ وجهڻ لڳو.[1] (2): پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن مومن ٻانهي جي اکين مان الله پاڪ جي

[1] موسوعۃ ابن ابی الدنیا، کتاب الرقۃ والبکاء ،جلد:3 ،صفحہ:190، حدیث:102۔

خوف جي سبب لڙڪ وهيا جيتوڻيڪ مک جي پَر برابر هجن، پوءِ اهي لڙڪ وهي ڪري سندس چهري تي اچي وڃن ته الله پاڪ ان کي جهنّم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي.[1] (3): فرمانِ آخري نبي، مڪي مدنيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن الله پاڪ جي خوف کان ٻانهي جو جسم ڏڪڻ لڳي ته ان جا گناهه ائين ڇڻندا آهن جيئن سُڪل وڻ مان پنَ ڇڻندا آهن.[2]

مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ

ترے خوف سے یا خدا یا الٰہی!
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی![3]

## اَميرُ المؤمنين جي تبرڪات سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرُ المؤمنين حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دل ۾ جيئن خوفِ خُدا تمام گهڻو ڀريل هو، ائين ئي عشقِ رسول جي ٻه زنده تصوير هئا، سندن هڪ نهايت پيارو ۽ عشق ڀريو وصف هي ٻه آهي ته پاڻ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تبرڪات جو تمام گهڻو ادب ڪندا هئا، حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ ڪوڙَ تبرڪات هئا، جيئن پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو بِستر مبارڪ، پيالو، چادر ۽ عصا شريف وغيره، حضرت عُمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن تبرڪات شريف جي لاءِ هڪ ڪمرو خاص ڪري رکيو هو ۽ روزانو انهن جي زيارت ڪندا هئا.[4]

وصال جي وقت پاڻ وصيت ڪيائون ته رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ڪجهه وارَ مبارڪ ۽ پاڪ ننهن ڪفن ۾ رکيا وڃن، جيئن ته سندن وصيت

[1] ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب الحزن والبکاء ،صفحہ:681، حدیث:4197۔
[2] شُعَبِ الایمان،جلد:1 ،صفحہ:491 ،حدیث:803۔
[3] وسائلِ بخشش،صفحہ:105۔
[4] سیرۃ و مناقب عمر بن عبد العزیز لابن جوزی،صفحہ:253۔

پوري ڪئي وئي ۽ ڪين موءِ مبارڪ ۽ ننهن شريفن سان گڏ دفن ڪيو ويو.

سُبۡحٰنَ اللّٰـه! الله ڪريم! اسان کي ﮭ عشقِ رسول جو ڪمال نصيب فرمائي. ڪاش! اسان گنهگارن تي ﮭ ڪرم ٿئي ۽ قبر ۾ رکڻ جي لاءِ ڪجھ تبرڪات نصيب ٿي وڃن ﺗﮫ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِیۡم! قسمت ئي سنورجي ويندي. الله پاڪ جي حضرت عُمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، الحمدلله! دعوتِ اسلامي نيڪ، نمازي بڻائڻ واري، سڄي دنيا ۾ سنّتن کي عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. توهان ﮭ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ ﮭ خوب وڌي ڪري حصو وٺو. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِیۡم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال ﮭ آهي. هي مختصر رسالو مڪتبةُ المدينہ تان طلب ڪيو ۽ چاهيو ﺗﮫ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ(***www.dawateislami.net***) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو ٿا ﺗﮫ پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هينان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو ﮭ وقت مقرر ڪري

پنھنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناھن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذھن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکرجي، خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ ھڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گھراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي ھڪ اسلامي ڀاء جو بيان آھي، مان گناھن ڀري زندگي گذاري رھيو ھيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازو قضا ڪرڻ وغيره منھنجي معمولات ۾ شامل ھو، ھڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان ھڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙھڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منھنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد ھليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (***Introduction***) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گھڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اھلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اصلاح امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون ھٿون ھٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت ڇا ٿي، دل گناھن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناھن کان توبھ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منھنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منھنجي ان تبديلي جو منھنجي گھر وارن تي بہ چڱو اثر ٿيو، الحمد لله! آھستہ آھستہ پورو گھراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گھر ۾ نمازن جي

پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

| | |
|---|---|
| خوب مَدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین! |
| مَدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین![1] |

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاٿي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعده (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن ٺ تيار ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعده (***Madani Qaida***). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (***Audio***) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (***Click***) ڪندؤ، آڊيو (***Audio***) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (***Practice***) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ ٻه فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي ٻه ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوتصَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عيادت ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو بيمار جي عيادت ڪندو آهي اهو جنّت جي باغن ۾ ويهندو آهي، جڏهن اهو اٿندو آهي تہ 70 هزار ملائڪَ رات تائين ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.[2] (2): جيڪو ثواب جي اميد تي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪري تہ ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو.[3]

اي عاشقانِ رسول!بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّتِ مطصفٰي آهي بلڪ سنّتِ انبياء آهي ❁ نبين جي نبي رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريم هئي تہ ڪنهن بہ صحابي (رَضِیَ اللهُ عَنْه) جي بيمار ٿيڻ جو اطلاع ملندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ❁ جيڪڏهن ڪو شخص 3 ڏينهن مسجد کان غائب رهندو هو تہ پاڻ ان جي مُتعلق ماڻهن کان پڇندا هئا، جيڪڏهن اهو بيمار هوندو هو تہ ان کان پڇڻ ويندا هئا[4] ۽ عيادت جي لاءِ جيڪڏهن مديني پاڪ جي آخري ڪناري تائين بہ وڃڻو پوندو هو تہ تشريف وٺي ويندا هئا ۽

---

[1] تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2] شعب الایمان، مریض کی عیادت کا باب،جلد:6، صفحہ:531،حدیث:9171۔
[3] ابو داؤد ،کتاب:جنائز ، باب :وضو میں عیادت کی فضیلت، صفحہ: 500، حدیث:3097۔
[4] مسند ابی یعلی، جلد:3، صفحہ: 141، حدیث: 3429۔

پنهنجي صحابہ (رَضِیَ اللہ عَنْھم) جي عيادت فرمائيندا هئا[1] ❁ مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اخلاقِ ڪريمہ مان آهي تہ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هر امير ۽ غريب جي گهر بيمار پُرسي جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا[2] ❁ حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هيءَ هئي تہ جڏهن ڪنهن بيمار جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ هي فرمائيندا هئا: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله (يعني ڪا حرج جي ڳالھ ناهي الله پاڪ چاهيو تہ هي مرض (گناهن کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي) هڪ ڳوناٽي جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويا تہ هيءُ ئي فرمايائون: لَابَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله[3]

عيادت ۽ ڪيئي روحاني علاج جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو بيمار عابد پڙهي وٺو.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُالمدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد: 3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهل سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب ۽ رسالو بيمار عابد خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر بہ آهي.

لُوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو — ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] مسلم،کتاب: جنائز، مریض کی عیادت کا باب ،صفحہ:331، حدیث:925خلاصۃً۔
[2] مرآۃ المناجیح، جلد: 2، صفحہ:407۔
[3] بُخاری،کتاب: المناقب، صفحہ:919، حدیث:3616 ۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتمِاع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] … القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2] … افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3] … القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4] … الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2] … ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455